SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر VI مجريه 1974

SINDH ORDINANCE NO.VI OF 1974

اولهه پاڪستان تفريحن تي ڊيوٽي (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1974

THE WEST PAKISTAN ENTERTAINMENTS DUTY (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ X جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of West Pakistan Act X of 1958

3. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ X جي دفعه 6 جي ترميم
Amendment of Section 6 of West Pakistan Act X of 1958

4. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ X جي دفعه 6_A کي ختم ڪرڻ
Omission of Section 6_A of West Pakistan Act X of 1958

5. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ X جي دفعه 11 جي ترميم
Amendment of Section 11 of West Pakistan Act X of 1958

6. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ X جي شيڊول کي ختم ڪرڻ
Omission of Schedule to West Pakistan Act X of 1958

سنڌ آرڊيننس نمبر VI مجريہ 1974
SINDH ORDINANCE NO.VI OF 1974
اولھ پاڪستان تفريحن تي ڊيوٽي (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1974
THE WEST PAKISTAN ENTERTAINMENTS DUTY (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

[18 اپريل 1974]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولھ پاڪستان تفريحن تي ڊيوٽي ايڪٽ، 1958 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولھ پاڪستان تفريحن تي ڊيوٽي ايڪٽ، 1958 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هينئيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي اولھ پاڪستان تفريحن تي ڊيوٽي (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1974 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

Short title and commencement

2.سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهه پاڪستان تفريحن تي ڊيوٽي ايڪٽ، 1958 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ به ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعه 2 ۾، شقن (aa)، (aaa)، (hh)، (ii) ۽ (k) کي ختم ڪيو ويندو.

1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ X جي دفعه 2 جي ترميم

Amendment of Section 2 of West Pakistan Act X of 1958

3.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 6 ۾، لفظن ۽ ڪامائن "يا ڪنهن سينيما جي صورت ۾، دفعه 6_A جي گنجائشن موجب تفريحي ڊيوٽي ادا نه ڪئي وئي آهي،" کي ختم ڪيو ويندو.

1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ X جي دفعه 6 جي ترميم

Amendment of Section 6 of West Pakistan Act X of 1958

4.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 6_A کي ختم ڪيو ويندو.

1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ X جي دفعه 6_A کي ختم ڪرڻ

Omission of Section 6_A of West Pakistan Act X of 1958

1958 جي اولهه

پاڪستان ايڪٽ X جي دفعہ 11 جي ترميم

Amendment of Section 11 of West Pakistan Act X of 1958

5. ڇاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 11 جي ذيلي دفعہ (2) ۾:

(a) شق (i) جي آخر ۾ لفظ "۽" شامل ڪيو ويندو؛ ۽

(b) شقن (i_a)، (i_b) ۽ (i_c) کي ختم ڪيو ويندو.

1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ X جي شيڊول کي ختم ڪرڻ

Omission of Schedule to West Pakistan Act X of 1958

6. ڇاٽايل ايڪٽ جي شيڊول کي ختم ڪيو ويندو.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.